# سال 2025ع جا ايوارڊ ڏيڻ لاءِ
# ڪتاب ۽ ٻيو مواد گهرائڻ جو اعلان

**آخري تاريخ ۾ واڌ**

**15 فيبروري 2026ع**

## سنڌي ٻولي ايوارڊ 2025ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سال 2025ع ۾ ڇپيل ڪتابن/مقالن/ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي داخلا لاءِ ڪيل اڳڀرائين تي ايوارڊن جو سڏُ ڏجي ٿو.

**پهريون ايوارڊ:** سنڌي ٻولي، لسانيات، ٻوليءَ جي تحقيق، لغت سازي، گرامر، لهجن ۽ سنڌو لکت (Script Indus) تي ڇپيل ڪتاب.

**ٻيو ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ بابت پاڪستان سميت دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب.

**ٽيون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ ۾ نئين ۽ نرالي موضوع تي ڇپيل تحقيقي مقالو: (لازمي طور هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي تصديق ٿيل تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل هجي.)

**چوٿون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرنيٽ تي ڪا به ائپليڪيشن، سافٽويئر، ڊجيٽل راند يا سنڌي ٻوليءَ جي انجڻڪاريءَ ۾ نئين اڳڀرائي.

**پنجون ايوارڊ:** سنڌي ٻوليءَ جو سفير: (هن ايوارڊ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ سُڌاري لاءِ ڪو غير معمولي فرض سرانجام ڏيندڙ شخصيت جي چونڊ ڪئي ويندي، جنهن لاءِ ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ڪنهن نامور شخصيت جي داخلا دليلن ۽ انگن اکرن سان موڪلي سگهن ٿا. جنهن جو فيصلو ڪميٽي ڪندي.)

**شرط:**

1. سال 2025ع دوران ڇپيل ڪتابن جون پنج ڪاپيون، شايع ٿيل مقالي جون فوٽو ڪاپيون، رجسٽرڊ پوسٽ/ڪوريئر ذريعي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺهيل ائپليڪيشن، سافٽويئر، ڊجيٽل راند يا سنڌي ٻوليءَ جي انجڻڪاريءَ واري اڳڀرائي جي بنيادي پروگرامنگ يا آن لائين ڳنڍڻي (لنڪ) اي ميل ذريعي اداري ڪي موڪليون وڃن.
2. اهڙو ڪو به ڪتاب هن مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندو، جنهن ۾ ملڪ/ قوم يا مذهب جي خلاف يا شخصي طور ڪنهن تي ذاتي تنقيد ٿيل هوندي، علمي بنيادن تي نظرياتي بحث هن ڳالهه کان آجو هوندو.
3. موڪليل ڪتاب ۽ مقالا واپسيءَ جوڳا نه هوندا.
4. اداري جي مقرر ڪيل ڪميٽيءَ طرفان ڪتاب/ مقالا/ائپليڪيشن، سافٽويئر، ڊجيٽل راند يا سنڌي ٻوليءَ جي انجڻڪاريءَ واري اڳڀرائي جي بنيادي پروگرامنگ يا آن لائين ڳنڍڻي (لنڪ) لاڳاپيل موضوع جي ماهرن (ججن) کي موڪليا ويندا. ججن جو فيصلو حتمي هوندو، جنهن کي ڪٿي به رد نه ٿو ڪري سگهجي.
5. ڪتاب، مقالي ۽ سافٽويئر موڪلڻ جي آخري تاريخ **15 فيبروري 2026ع** آهي. ان تاريخ کان پوءِ ايندڙ ڪتاب، مقالا ۽ سافٽويئر مقابلي ۾ شامل ٿي نه سگهندا.
6. هيءُ اشتهار اداري جي ويب سائيٽ www.sindhila.org تي به ڏسي سگهجي ٿو.




**ڊاڪٽر شير مهراڻي**

**چيئرمئن**


ڪتاب، مقالا يا ڊجيٽل وسيلا موڪلڻ لاءِ پتو:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نيشنل هاءِ وي، قاسم آباد، حيدرآباد

رابطو: 022-9240053 Email: contact@sindhila.edu.pk